# فیضانِ سیدنا امام بخاری

28-June-2018

ہفتہ وار سنتوں بھرے اجتماع میں ہونے والا

سنتوں بھرا بیان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضان سيدنا امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، ها جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُود شريف جي فضيلت

فَرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن جُمعرات جو ڏينهن ايندو آهي، الله پاڪ ملائڪن کي موڪليندو آهي، جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن، ڪير جُمعرات جي ڏينهن ۽ جُمُعي جي رات

مون تي ڪثرَت سان دُرُودِ پاڪ پڙهي ٿو.(فِردَوس الاخبار،١٨٣/١،حديث:٦٨٨)

ہم نے خطا میں نہ کی تم نے عطا میں نہ کی کوئی کمی سَروَرا تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مُحدِّث سڳورا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين اهي مُقَدَّس هستيون آهن جن جو شان ۾ عظمت ۾ مقام ۾ مرتبو نهايت ئي بلند ۾ اوچو آهي، هنن

بزرگن عِشقِ رسول جي جذبي سان سرشار ٿي پنهنجي سڄي زندگي حديثِ پاڪ جي تَروِيج ۽ اِشاعت (Propagation) ۾ گذاري ڇڏي. انهن بُزرگ هستين مان جيڪو رتبو ۽ شان امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي نصيب ٿيو اهو پنهنجو مٿ پاڻ آهي. جيئن ته شَوّالُ المُڪرَّم جي مبارَڪ مهيني ۾ سندن پيدائش ٿي هئي ۽ انهيءَ مهيني ۾ سندن عُرسِ مبارَڪ به آهي. تنهنڪري انهيءَ مُناسَبَت سان اڄ اسان حضرت سيدنا اِمام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مُختَصَر تعارُف ۽ سندن پاڪيزه سيرت جي مُختلِف پهلوئن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪريون ٿا. اچو! پهريان سندن عبادت جي ذوق تي مُشتَمِل هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌو ۽ پنهنجي اندر ذوقِ عبادت کي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، جيئن ته

## امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ذوقِ عبادت

هڪ ڀيري امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي سندن ڪجهه شاگردن دعوت ڏني ته پاڻ تشريف وٺي ويا، جڏهن نمازِ ظُهر جو وَقت ٿيو ته پاڻ نماز پڙهي، پوءِ نفل شُروع ڪري ڇڏيا، جڏهن فارغ ٿيا ته قميص جو هڪ ڪنارو بلند ڪندي پنهنجي بعض ساٿين کي فرمايائين، ڏسو منهنجي قميص جي اندر ڪهڙي شيءِ آهي؟ اُنهن ڏٺو ته هڪ زهريلو جيت هو جنهن سورهن (16) سترهن (17) هنڌن تي ڏنگيو هو جنهن سان اوهان جو سڄو جسم سُڄي ويو هو، ماڻهن چيو: سائين! جڏهن ان مُوذِي جانور پهريون ڏنگ هنيو ته اوهان انهيءَ وَقت نماز مان ٻاهر ڇو نه نڪتا؟ فرمايائون مون هڪ سُورت شُروع ڪئي هئي، دل چاهيو ته اها پُوري ٿي وڃي (ته پوءِ سلام ڦيرينديس). (تاريخ بغداد ج ۲، ص ۱۳)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ولادَت ۽ نسب جو سلسلو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ولادت مشهور شهر بُخارا ۾ 13شَوَّال 194 (هجري) جمعي جي ڏينهن عَصر نماز کان پوءِ ٿي. امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو نالو محمد ۽ ڪنيت ابُو عَبدُالله آهي. سندن نسب جو سِلسِلو هي آهي: محمد بن اِسماعيل بن اِبراهيم بن مُغِيره. امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو پڙڏاڏو مُغِيره بني پارو ڪندڙ ۽ غيرِ خدا جي عبادت ڪندڙ هو پر بعد ۾ حاڪمِ بُخارا ”يمان جُعفِي“ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين. امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تقريبا(62) سال جي عُمر ماٽي ۽ (پهرين شَوَّال) 256 هجري ڇنڇر جي ڏينهن عِيدُ الفِطر جي رات بيماري جي حالت ۾ وِصالِ ظاهري فرمايو. سَمَرقَند کان ڪجھ فاصلي تي ”خَرتنڪ“ نالي علائقي ۾ (ظُهر کان پوءِ) سندن کي مٽي حوالي ڪيو ويو.(اشعة اللمعات، ۹/۱ -۱۳ملتقطاً) (ارشاد الساري،ترجمة الامام بخاري ، ۵۵/۱-۵۶ ملتقطاً) اتي ئي سندن عاليشان مزارِ پُراَنوار آهي.

## لقب

اَمِيرُ المُؤمِنِين فِي الحَدِيث،حافِظُ الحَدِيث، مُحَدّث، مُفتِي، حِبرُ الاِسلام وغيره سندن مشهور لقب آهن.

## سندن استادن جو تعداد

امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي استاد سڳورن جو تعداد هڪ هزار اَسّي(1080) آهي. (نزهة القاري،۱/ ۱۱۹)

## شاگردن جو تعداد

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وصال فرمايائون تہ نَوّي هزار (90،000) شاگرد مُحَدِّث ڇڏيا. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۲۳۸)

## امام بخاري جي والدِ مُحتَرَم جو مُختَصر تعارُف

امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا والد سڳورا تمام وڏا ممتاز بُزرگ ۽ زَبَردَست عالِمِ دين هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه امام بُخاري جي اُستاد حضرت سَيدُنا عَبدُاللّٰه بِن مبارَڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صُحبت ۾ رهندا هئا. پاڻ صاحبِ روايت مُحَدّث هئا. پاڻ حضرت سَيدُنا عَبدُاللّٰه بن مبارَڪ، حضرت سَيدُنا امام مالِڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِما. انهن جي شاگردن ۽ اُن زماني جي مُحَدّثن کان روايت ڪندا هئا. نهايت ئي مُستَجَابُ الدَّعوَات بزرگ هئا (يعني سندن دعائون تمام گهڻيون مقبول ٿينديون هيون). ائين جو بارگاهِ خداوندي ۾ عَرض ڪندا هئا ته منهنجون سڀ دعائون دنيا ئي ۾ نه قَبول ڪر ڪجهه آخرت جي لاءِ رهڻ ڏي، حلال ڪائڻ جا اهڙا پابند هئا جو حرام ته رهيو پري، پر مشڪوڪ شين کان به بچندا هئا. ايستائين جو وِصالِ ظاهري وَقت فرمايائون: مون وٽ جيترو به مال آهي اُن ۾ هڪ دِرهم به شڪ ۽ شُبهي وارو نه آهي. (نزهة القاري١/١٠٧،ملخصاً)(ارشاد الساري، ترجمة الامام بخاري، ١/٥٥)

## امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اکين جو نور موٽي آيو

امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اڃا ننڍي عمر جا هئا جو سندن والِد سڳورن جو وصال ٿي ويو ۽ پوءِ پرورش جون سموريون ذِمَّه داريون سندن والِده ماجِده سنڀاليون. ننڍپڻ ۾ امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اکين جي روشني ويندي رهي. امڙ سائڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا هن صَدمي مان روئينديون رهيون ۽ ٻاڏائي دعا گهرنديون هيون. هڪ رات ننڊ ۾ قسمت جو تارو چمڪي پيو، دل جون اکيون کلي پيون، خواب ۾ ڏٺائين ته حضرت سيدُنا اِبراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام تشريف فرما ٿيا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن ته "اوهان پنهنجي پٽ جي نور جي واپَسي جي لاءِ دعائون گهرنديون رهنديون آهيو. مبارَڪ هجي جو اوهان جي دعا قَبول ٿي چڪي آهي، الله پاڪ اوهان جي پٽ جي اکين جو نور موٽائي ڏنو آهي." جڏهن صُبح ٿيو ته ڏٺائين ته امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون اکيون (Eyes) روشن

تي چڪيون هيون. ( تَفهيمُ البخاري،۴/۱ ملخصاً)

بَصر کے ساتھ بصیرت بھی خوب روشن ہو لگاؤں خاکِ قدم بار بار آنکھوں میں

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! پڙهو اوهان! الله ڪريم ماءُ جي دُعا ۾ ڪيترو اثر رکيو آهي جو ماءُ جڏهن پنهنجي اَولاد جي لاءِ دُعا ڪندي آهي تہ ربّ ڪريم اُن جي ڪنيل هٿن جي لڄ رکندو آهي ۽ اَولاد جي لاءِ ان جي دُعا قَبول ڪندو آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماءُ اها مهربان هستي آهي جيڪا اَولاد جي لاءِ روئي روئي دُعائون ڪندي آهي، ماءُ جي دُعا جنّت ۾ وٺي ويندي آهي، ماءُ جي دُعا ربّ ڪريم جو فرمانبردار ڪندي آهي، ماءُ جي دُعا بُرائين ڪان بچائيندي آهي، ماءُ جي دُعا اَولاد کي وِلايت جي درجي تائين پهچائيندي آهي، ماءُ جي دُعا اَولاد جي قسمت سَنواريندي آهي، ماءُ جي دُعا اَولاد جي حق ۾ قبول ٿيندي آهي، ماءُ جي دُعا ڪاميابيون ڏياريندي آهي، ماءُ جي دُعا رَحمت نازل ٿيڻ جو سبب آهي، ماءُ جي دُعا گناهن جي مُعافي جو ذَرِيعو آهي، ماءُ جي دُعا جي بَرَڪت سان ربّ ڪريم اَولاد تان مصيبتن ۽ آزمائشن کي پري ڪندو آهي.الله ڪريم اسان کي پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪرڻ، ان جي فرمانبرداري ڪرڻ، انهن کي راضي رکڻ ۽ انهن کان دعائون وٺڻ وارا ڪم ڪرڻ جي توفيق ۽ سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان مُحَدّثِ سڳورن رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْهِم اَجمَعِین جي سيرتِ مبارَڪ جو جائزو وٺون تہ انهن جي پاڪيزه سيرت ۾ اسان کي اهو مَدَني گل جڳمڳائيندي نظر ايندو تہ هنن حضرات عِلمِ حديث کي حاصل ڪرڻ

۽ اَحاديثِ رسول جي ترويج ۽ اِشاعت خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو، ايستائين جو هن راهه ۾ پنهنجي گهربار کي ڇڏي پري پري تائين ملڪن ۽ شهرن جو سفر طي ڪري علمِ حديث حاصل ڪيائون. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اميرُ المُؤمنين في الحديث امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جيئن ته يادگارِ اَسلاف هئا، تنهنڪري پاڻ مُحَدّث سڳورن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي نَقشِ قدم تي هلندي انهيءَ مقصَد خاطر پنهنجي اباڻي وطن کي ڇڏيو، پري پري تائين شهرن جو سفر اِختيار ڪيو ۽ تمام ننڍي ڄمار ۾ ئي ميدانِ حديث ۾ پنهنجين صلاحيتن کي مڃرايو. اچو! امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شَوقِ عِلم جون ڪجهه جهلڪيون مُلاحَظ ڪريو، جيئن ته

## تعليم وارو دور

اَميرُ المُؤمِنين فِي الحَدِيث حضرت سَيدُنا محمد بن اِسماعيل بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن ڏهه (10) سال جا ٿيا ته اِبتدائي ۽ ضروري تعليم حاصل ڪري چڪا هئا، الله پاڪ سندن دل ۾ عِلمِ حديث حاصِل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪيو ته پاڻ ''بُخارا'' ۾ (عِلمِ حديث حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ مَدرَسي ۾) داخِلا ورتائون، عِلمِ حديث وڏي محنت سان حاصِل ڪيائون، سورهن (16) سالن جي عمر ۾ امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ والده سان گڏ حج ڪرڻ جي لاءِ حرمين شريفين (مڪي مديني ۾) حاضر ٿيا، والده ۽ ڀاءُ ته حج ادا ڪرڻ کان بعد واپسي وطن موٽي آيا پر پاڻ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ اتي ئي رهي پيا ۽ ارڙهن (18) سالن جي عمر ۾ پاڻ اتي ئي هڪ ڪتاب[1] لکيو.

(ارشاد الساري، ترجمة الامام بخاري، ١/ ٥٦ملخصاً)(تذكرة المحدثين،ص١٧٢ملخصا)

## عِلم حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر

[1]...( كتاب قضايا الصحابة والتابعين)

امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڇهه (6) سال حِجاز ِمُقَدَّس (عَرَب شريف جو اهو حِصّو جنهن ۾ مَڪو شريف، مَدينو پاڪ ۽ طائف جا علائقا شامل آهن) ۾ رهي خوب عِلم حاصِل ڪيائون. عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ڪيئي سفر اِختيار ڪيا، 2 ڀيرا شام، مِصر ۽ جزيره، 4 ڀيرا بَصره ۽ ڪيئي دفعا (عِراق جي شهر) ڪوفه ۽ بغداد ۾ تشريف کڻي ويا. (سير اعلام النبلاء،ابو عبدالله البخاري۔۔۔ الخ، ذکر حفظه۔۔ الخ، ١٠ /٢٨٥ملخصاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ پنهنجن ٻانهن کي جن نعمتن سان نوازيندو آهي، اُن مان هڪ قُوَّتِ حافِظ جي نعمت به آهي. جنهن جي ذريعي انسان سڄي دنيا جي معلومات کي پنهنجي دماغ جي ميموري (Memory) ۾ آساني سان محفوظ ڪرڻ تي قادر ٿي ويندو آهي ۽ ان مان ڀرپور فائدو کڻندو آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو شمار به اُنهن خوش نصيبن ۾ ٿيندو آهي، جن کي الله پاڪ زبردست قُوَّتِ حافِظ جي نعمت سان سَرفراز فرمايو هو، پاڻ بارگاهِ اِلٰهي مان ملڻ واري شاندار قُوَّتِ حافِظ ۽ بي مثال ذهانت جي ذريعي هزارين احاديثِ مبارَڪ کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ محفوظ ڪري ورتو هو. اچو! امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قُوَّتِ حافِظ جون ڪجھ دلنشين جهلڪيون ٻڌون ٿا، جيئن ته

## هڪ هزار حديثون زباني بَيان ڪيائون

هڪ ڀيري پاڻ (خُراسان جي هڪ مشهور شهر) بَلخ ويا، ماڻهن سندن کي حديث ٻُڌائڻ جي فرمائش ڪئي ته هڪ هزار(1000) احاديثِ مبارَڪ زباني بَيان ڪيائون. (سير اعلام النبلاء،ابو عبد الله البخاري۔۔۔الخ،١٠/٢٨٩)

## 16 ڏينهن ۾ 15 هزار حديثون

حضرت محمد بن اَبي حاتِم ۽ حاشِد بن اِسماعيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِما بَيان ڪن ٿا

تہ حضرت سَيدُنا امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ننڍي عُمر ۾ اسان سان گڏ حديث جي لاءِ بَصره جي مشائخن جي خدمت ۾ حاضِر ٿيندا هئا، امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي علاوه اسان تمام ساٿي حديثن کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ لکندا هئاسين، سورهن ڏينهن (Sixteen Days) گذري وڃڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن اسان امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي چيو تہ توهان حديثون محفوظ نہ ڪري ايترن ڏينهن جي محنت ضائع ڪري ڇڏي. اهو ٻڌي امام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اسان کي چيو: چڱو توهان پنهنجا لکيل صَفحا ڪڍي اچو، پوءِ اسان پنهنجا پنهنجا صَفحا ڪڍي آياسين، امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حديثون ٻڌائڻ شروع ڪيون، ايستائين جو اُنهن پندرهن هزار (15000) کان وڌيڪ حديثون بَيان ڪري ورتائون، جن کي ٻڌي اسان کي اهو گُمان ٿيندو هو تہ ڄڻ اسان کي اهي روايتون امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ئي لکرائيون آهن. (ارشاد الساري،ترجمة الامام بخاري، ۵۹/۱)

## ستر هزار حديثن جا حافِظ

هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حضرت سَيدُنا محمد بن سلام رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿيا تہ حضرت سَيدُنا محمد بن سلام رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي فرمايائون: جيڪڏهن اوهان ڪجهہ دير پهريان اچو هان تہ مان اوهان کي اهو ٻار ڏيکاريان هان جيڪو ستر هزار(70,000) حديثن جو حافِظ آهي. اها حَيرت انگيز ڳالهہ ٻڌي حضرت سَيدُنا سُلَيمان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دل ۾ امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان ملاقات جو شَوق پيدا ٿيو، پوءِ حضرت سَيدُنا محمد بن سلام رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي بارگاهہ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ڳولهڻ شروع ڪيو، جڏهن (امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان) ملاقات ٿي تہ حضرت سَيدُنا سُلَيمان بن مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِرشاد فرمايو: ڇا سَتَّر هزار (70,000) حديثن جا حافِظ اوهان ئي آهيو؟ اهو ٻڌي امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه عَرض ڪيو:

جي ها! مان ئي اهو حافِظ آهيان، بلڪ مون کي هن کان بہ وڌيڪ حديثون ياد آهن ۽ جن صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان ۽ تابِعين کان مان حديث رِوايت ڪيان ٿو ان مان اڪثرن جي تاريخ پيدائش، رهائش ۽ تاريخِ وِصال جي بہ ڄاڻ رکان ٿو.

(ارشاد الساري،ترجمة الامام البخاري،۵۹/۱)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! ڏٺو اوهان! امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو حافِظو ڪيترو شاندار هو، پاڻ ننڍپڻ ئي ۾ نہ صِرف سَتَّر هزار (70,000) کان وڌيڪ حديث سڳورين کي حِفظ ڪيائون بلڪ انهن حديثن کي روايت ڪرڻ وارن اڪثر بُزرگن جي تاريخِ پيدائش، رهائش ۽ تاريخِ وِصال کي بہ ياد ڪري ورتائون، بِلا شُبہ اهو الله پاڪ جي خاص فَضل و اِحسان ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خصوصي فيضان جو ڪمال هو جو ماڻهو سندن حافِظي واري قُوَّت جي ساراهہ ڪندا هئا، جڏهن تہ اڄ اسان جا حافِظا ڪمزور(Weak) ٿيندا پيا وڃن، اسان کي تہ گذريل ڪلهہ جون معمولي ڳالهيون بہ ياد نٿيون رهن، عيسوي مهينا ۽ اُنهن جون تاريخون تہ ياد رهن ٿيون پر افسوس! مَدَني يعني قَمري مهينن ۽ اُنهن جي تاريخن کان بي خَبر رهندا آهيون، شين جي حِساب ڪتاب ۾ اَڪثر پريشاني جو شڪار ٿي ويندا آهيون، نمازن جي رَڪعتن جي باري ۾ شڪ ۽ شبهي ۾ پئجي ويندا آهيون تہ خبر ناهي ڪيتريون پڙهيون ۽ ڪيتريون باقي رهجي ويون، ڪنهن ڪتاب يا رِسالي کي ڪيئي ڪيئي ڀيرا پڙهڻ جي باوُجود بہ ان جو مَضمون يا مسئلا اسان جي دل و دماغ ۾ محفوظ نٿا رهن. بهرحال جيڪڏهن اسان پنهنجي حافِظي کي مضبوط بڻائڻ چاهيون ٿا، ويسر جي بيماري کان نجات چاهيون ٿا، حافِظي کي مضبوط بڻائڻ جا طريقا ڄاڻڻ چاهيون ٿا ۽ ويسر جي بيماري پيدا ڪرڻ وارن سببن جي باري ۾ معلومات حاصِل ڪرڻ چاهيون ٿا تہ هن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري

مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب ”حافِظو ڪيئن مضبوط ٿئي؟“ جو مُطالَعو ڪريو.
دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن ڪو شخص پنهنجي ڪنهن ڪارنامي سبب عوام ۽ خواص ۾ مشهور ٿي ويندو آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ”ڪجھ“ سمجھڻ لڳندو آهي، ٻين کي حَقارت جي نظر سان ڏسندو آهي، پنهنجو ڪم ڪار پنهنجن هٿن سان ڪرڻ ۾ شرم ۽ ذِلّت محسوس ڪندو آهي، دُنيوي حِرص و لالچ ۽ مزيد شهرت جو ڀُوت اُن تي سُوار ٿي ويندو آهي ۽ دُنيوي لذتن جو شيدائي ٿي فِڪرِ آخرت کان غافِل ٿي ويندو آهي. پر قُربان وڃجي امام بُخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي! ايترو وڏو مُحَدّث هئڻ جي باوُجود غُرور ۽ تَڪبُّر کي ڪڏهن پنهنجي ويجهو نہ اچڻ ڏنائون، بلڪ نِوڙت ۽ عاجِزي کي اختيار ڪيائون، عَمَلي طور تي سادگي اپنائي ۽ طالبِ عِلمي واري دور کان ئي زُهد و قناعت کي اِختيار ڪيائون،

## امام بُخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي عاجزي ۽ انڪساري

سندن خُصوصي شاگِرد محمد بن حاتِم وَرّاق رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بَيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيرو امام بُخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بُخارا جي ويجهو مسافر خانو ٺهرائي رهيا هئا، خادم ۽ عقيدت مَند حضرات بہ پاڻ سان گڏ هئا پر ان جي باوُجود پاڻ پنهنجي هٿن سان سرون کڻي کڻي ديوار ۾ لڳائي رهيا هئا، مان اڳتي وڌي عرض ڪيو: اوهان ڇڏيو اهي سرون مان لڳايان ٿو، اِرشاد فرمايائون: قِيامت جي ڏينهن اهو عمل مون کي فائدو ڏيندو. (ارشاد الساري،ترجمة الامام بخاري،١/٦٥)

فخرو غُرور سے تُو مولٰی مجھے بچانا    یارب! مجھے بنا دے پیکر تُو عاجِزی کا

## سُڪل ماني ڪاڌائون

امام بُخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه طلبِ عِلم جي دوران بعض اوقات سُڪل گاهہ ڪائي بہ وَقت گذاريو، ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ ڏينهن ۾ عام طور تي صِرف ٻہ يا ٽي بادام ڪائيندا هئا. هڪ ڀيرو بيمار ٿي پيا، طبيبن (يعني ڊاڪٽرن) ٻڌايو تہ سُڪل ماني ڪائڻ جي ڪري سندن آندا سڪي ويا آهن، ان وَقت پاڻ ٻڌايائون تہ هو 40 سال (Forty Years) کان سڪل ماني ڪائي رهيا آهن ۽ ان عَرصي ۾ ٻوڙ کي بلڪل بہ هٿ نہ لڳايون. (تذکرة المحدثين،ص١٨٢)

لوٹ لے رَحمت ، لگا قُفلِ مدینہ پیٹ کا
پائے گا جنّت ، لگا قُفلِ مدینہ پیٹ کا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان! الله وارن ۾ عِلم حاصل ڪرڻ جو ڪيترو زَبَردَست مَدَني جَذبو هوندو هو جو سالن کان بغير ٻوڙ جي سُڪل ماني ڪائي بہ وڏي ذَوق ۽ شَوق سان عِلمِ دين سکڻ ۾ مشغول رهندا هئا، جڏهن تہ اڄ اسان جو معاشرو دُنيوي عُلوم و فُنون جي ڊگرين ۽ مال ميڙڻ جي لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ۾ مصروف نظر اچي رهيو آهي، پر دِيني مدرسن ۽ جامِعات ۾ بهترين ۽ مفت سهولتن جي باوُجود پڙهڻ وارن جو تعداد تمام گهٽ نظر ايندو آهي ۽ حال هي آهي جو اسان جي اَڪثريت شريعت جي بنيادي فرضن ۽ واجبن کان غافل نظر ايندي آهي، جيئن تہ

تفسير صِراطُ الجِنَان ۾ آهي: عِلمِ دين سکڻ صِرف ڪنهن هڪ خاص گِروہ جو ڪم ناهي بلڪ پنهنجي ضرورت جي مطابِق عِلم سکڻ هر مسلمان تي فَرض آهي. پر نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي جو اڄ مسلمانن جي اڪثريت عِلمِ دِين کان پري نظر ايندي آهي. نمازين کي ڏسون تہ چاليهہ (40) چاليهہ (40)

سال نماز پڙهڻ جي باوُجود حال اهو آهي جو ڪنهن کي وُضو ڪرڻ ناهي ايندو تہ ڪنهن کي غُسل جو طريقو معلوم ناهي، ڪو نماز جي فرضن کي صحيح طريقي سان ادا نٿو ڪري تہ ڪو واجبات کان جاهل آهي، ڪنهن جي قراءت دُرُست ناهي تہ ڪنهن جو سجدو غلط آهي. اهو ئي حال ٻين عبادتن جو آهي خاص ڪري جن ماڻهن حج ڪيو هجي ان کي خبر آهي تہ حج ۾ ڪيتري قدر غَلَطيون ڪيون وينديون آهن! هنن ۾ اڪثريت اُنهن ماڻهن جي هوندي آهي جيڪي اهو چوندي نظر ايندا آهن تہ بس حج لاءِ هلجي جيڪو ڪجهہ ماڻهو ڪري رهيا هوندا اهو ئي اسان بہ ڪري وٺنداسين. جڏهن عبادتن جو هي حال آهي تہ ٻين فَرض عُلوم جو حال ڇا هوندو؟ ائين ئي حَسَد، بُغض، ڪينو، تَڪبُّر، غِيبَت، چُغلي، بُهتان ۽ خبر ناهي ڪيترا اهڙا معاملا آهن جن بابت مسئلن جي ڄاڻ فَرض آهي پر هڪ وڏي تعداد کي انهن جي تعريف بلڪ اِنهن جي فَرضِيت تائين جي خبر ناهي هوندي. هي اهي شيون آهن جن جو گناهہ هئڻ عام طور ماڻهن کي خبر هوندي آهي ۽ اهي شيون جن جي باري ۾ بلڪل بي خَبر آهن جيئن خريدوفروخت، مُلازَمَت، مسجد مَدرَسو ۽ ٻيون ڪوڙ اهڙيون شيون آهن جن جي باري ۾ ماڻهن کي اها بہ خبر ناهي تہ هنن جا بہ ڪجهہ مسئلا آهن، بس هر پاسي انڌيرو ئي انڌيرو آهي، اهڙي صورت ۾ هر شخص تي ضروري آهي پاڻ بہ عِلمِ دين سکي ۽ جن تي ان جو وس هلندو هجي انهن کي بہ عِلم دين سکڻ ڏانهن آڻي ۽ جن کي پاڻ سيڪاري سگهي ٿو انهن کي سيکاري. جيڪڏهن تمام والِدين پنهنجي اَولاد کي ۽ تمام استاد پنهنجي شاگردن کي ۽ تمام پير سڳورا پنهنجن مُريدن کي ۽ تمام اَفيسر ۽ صاحِبِ اِقتدار حضرات پنهنجن ماتحتن کي عِلمِ دين ڏانهن لڳائن تہ ڪجهہ ئي عرصي ۾ هر پاسي دِين ۽ عِلم جي روشني عام ٿي ويندي ۽ ماڻهن جا مُعامَلا خُود بخود شريعت جي مطابق ٿيندا ويندا. فِي الوَقت جيڪا نازڪ صورتِ حال

آهي هن جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته هڪ پيري سُونارن (جيولرز) جي هڪ وڏي تعداد کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو جڏهن اُنهن کان تفصيل سان انهن جو ڪاروباري طريقو معلوم ڪيو ويو ته واضِح ٿيو ته هن وَقت سون چاندي جي تجارت جو جيڪو طريقو رائج آهي، اهو تقريبا اَسّي فيصد خلافِ شريعت آهي ۽ حقيقت اها آهي جو اسان جو پيو واپار ۽ مُلازَمتون به ڪجهه هن قسم جي صورتِ حال جو شڪار آهن. جڏهن مُعامَلو ايترو نازُڪ آهي ته هر شخص پنهنجي ذِمَّه داري کي محسوس ڪري سگهي ٿو، ان ڪري هر شخص تي ضروري آهي ته عِلمِ دين سکي ۽ وس آهر ٻين کي سيکاري يا هن راهه تي لڳائي. (صراط الجنان،٦/٢٩٠)

علم حاصل کرو جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مَدَني اِنعامات"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُصولِ عِلم جو جذبو وڌائڻ ۽ فَرض ۽ واجب عُلُوم جي اَهمّيت کي دل ۽ دماغ ۾ ويهارڻ جو هڪ بهترين ذريعو عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ به آهي. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مَدَني اِنعامات" جي مُطابِق روزانو فِڪرِ مدينه ڪندي هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذِمَّه دار کي مَدَني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ به آهي.

☆اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني اِنعامات، عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو بهترين نُسخو آهن، ☆ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ وارن سان

اَميرِ اَهلسُنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه تمام گهڻا خوش ٿيندا آهن ۽ اُنهن کي دُعائن سان نوازيندا آهن، ☆ مَدَني اِنعامات تي عمل جي بَرَڪت سان خَوفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دَولت هٿ ايندي آهي،☆مَدَني اِنعامات جو اهو عظيم تحفو (Gift) بزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجمَعِين جي ياد ڏياريندو آهي،☆ مَدَني اِنعامات بُزرگانِ دِين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجمَعِين جي نَقشِ قَدَم تي هلندي فِڪرِ مدينه يعني پنهنجن عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌو، جيئن ته

## روزانو فڪرِ مدينه ڪرڻ جو اِنعام

هڪ اسلامي ڀاءُ مَدَني قافِلي ۾ سفر تي هو. ان دَوران اُن تي ڪرم جو دروازو کلي ويو. ٿيو ائين جو رات جو جڏهن سُتو ته ان جا ڀاڳ کلي پيا، چا تو ڏسي ته جنابِ رِسالت مآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ تشريف فرما ٿيا آهن. اجا جلون ۾ ئي گُم هو جو چپ مبارڪن کي جُنبِش ٿي، رَحمت جي گلن جي ورڪا ٿي ۽ لفظ ڪجهه ائين تَرتِيب ۾ آيا: ”جيڪي مَدَني قافِلي ۾ روزانو فڪرِ مدينه ڪن ٿا مان انهن کي پاڻ سان گڏ جَنَّت ۾ وٺي ويندس.“

مرے تم خواب میں آؤ، مرے گھر روشنی ہوگی
مِری قسمت جگا جاؤ، عنایت یہ بڑی ہوگی

مجھے گر دِید ہوجائے، تو میری عِید ہوجائے
تِرا دِیدار جب ہوگا، مجھے حاصل خوشی ہوگی

میں بَن جاؤں سَراپا ”مَدَنی اِنْعَامات“ کی تَصوِیر
بَنُوں گا نیک یااللہ اگر رَحمت تِری ہوگی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حديث مُبارڪ جي تَعظِيم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اها هڪ اٽل حقيقت آهي ته جنهن سان عشق

ٿيندو آهي ان سان نسبت رکندڙ هر شيء سان بہ عشق ٿي ويندو آهي. مثال طور محبوب جي گهر، ان جا در و ديوار ايستائين جو محبوب جي گهٽي علائقي تائين کان عقيدت جو تَعَلُّق (Relation) قائم ٿي ويندو آهي. پوءِ ڀلا جيڪو عشقِ نبي ۾ گم ٿي چڪو هجي اهو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت جي ڪري سندن حديث سڳورين سان مَحَبَّت ڇو نہ رکندو ۽ ڇو نہ اُنهن جو ادب ڪندو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو شُمار بہ اُنهن باڪمال هستين ۾ ٿيندو آهي جيڪي فَنَا فِي الرَّسُول جي منصبِ عظيم تي فائز ۽ بلڪل ادب و تعظيم جا پيڪر هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ادب و تعظيم جو دامن پڪڙي عشقِ مُصطَفٰي جي گهري سَمُند ۾ غوطو هڻي لکين حديث سڳورين مان ”صحيح بُخاري“ جي صورت ۾ صحيح ترين احاديثِ مبارَڪ جو قيمتي خزانو گڏ ڪري اُمّتِ سَرڪار کي عطا فرمايو. اچو! هن مبارَڪ ڪتاب جو شان ۽ عظمت ٻُڌو ۽ خوش ٿيو،

## امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو حديث لکڻ جو انداز

امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون ”صحيح بُخاري“ ۾ تقريبا ڇهہ هزار (6000) حديثون لکيون آهن، هر حديث کي لکڻ کان پهريان غُسل ڪري، ٻہ رَڪعَت نفل نماز ادا ڪندو هئس پوءِ اِستخارو ڪندو هئس، جڏهن ڪنهن حديث جي صِحَّت تي دل بيهندي هئي تہ ان کي ڪتاب ۾ لکندو هئس. (هدي الساري، مقدمة، ١/ ١٠) (نزهة القاري،ص١٣٠)

## ڇهہ لک حديثن جا حافظ

هڪ ٻي هنڌ تي فرمائن ٿا: مون کي ڇهہ لک حديثون ياد آهن، جن مان چونڊي چونڊي سورهن (16) سالن ۾، مون هن جامع (بخاري) کي لکيو آهي، مون هن کي پنهنجي ۽ الله پاڪ جي وچ ۾ دليل ناهيو آهي.(مقدمه فتح الباري،ص١٠)

مون پنهنجي هن ڪتاب ۾ صِرف صحيح اَحاديث داخِل ڪيون آهن ۽ جن حديثن کي مون هن خيال سان تہ ڪتاب وڏو ٿي ويندو ڇڏي ڏنو اهي هن کان تمام گھڻيون آهن. (نزهة القاري،ص۱۳۰)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ٻيا بہ ڪوڙ ڪتاب[1] لکيا آهن پر صحيح بخاري شريف امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو اهو عظيم ڪارنامو آهي جنهن نہ صِرف عوام و خواص ۾ مقبوليت جي معراج ماڻي بلڪ بارگاھ رسالت مان بہ ان کي مقبوليت جو تَمغو عطا ٿيو، ائين جو نبي رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪندي”منهنجو ڪتاب“ فرمايائون، جئين تہ

## بارگاہ رسالت ۾ صحيح بخاري شريف جي مقبوليت

حضرت سَيدُنا امام ابو زيد مَروَزِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيرو مڪي شريف ۾ مقامِ اِبراهيم ۽ حَجَر ِاَسوَد جي وچ ۾ سمهي رهيو هئس تہ منهنجو نصيب جاڳيو ۽ خواب ڏٺو تہ حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا آهن: اي ابو زيد! شافِعِي جي ڪتاب جو دَرس ڪيستائين ڏيندي، اسان جي ڪتاب جو دَرس ڇو نٿا ڏيو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي جان اوهان تي قربان! اوهان جو ڪتاب (Book) ڪهڙو آهي؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايائون: جامع محمد بن اسماعيل يعني امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ڪتاب ”بخاري شريف“.

(بستان المحديثين،ص ۲۷۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! جنهن ڪتاب کي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پسند ڪن ۽ ان کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪن تہ اندازو لڳايو تہ ان کي

[1]…مثلاًالتاريخ الکبير،التاريخ الاوسط،التاريخ الصغير،ڪتاب الضعفاء،خلق افعال العباد،المسندالکبير،ڪتاب العلل،الادب المفرد وغيره

پڙهڻ، ٻڌڻ ۾ ان جو ختم ڪيڻ وارن کي هن جون کهڙيون کهڙيون بَرڪتون نصيب ٿينديون. اچو! ترغيب لاءِ خَتمِ بُخاري جون ڪجهه بَرڪتون مُلاحَظہ ڪريو، جئين تہ

## خَتمِ بُخاري جا فائدا

(ڪجهہ)عارف سڳورن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين کان منقول آهي: جيڪڏهن ڪنهن مشڪل ۾ صحيح بخاري کي پڙهيو وڃي تہ اها مشڪل حل ٿي ويندي آهي ۽ جنهن ڪشتي (Boat) ۾ صحيح بُخاري هجي اها غَرق ناهي ٿيندي. حافظ اِبنِ ڪثير رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڏڪار ۾ "صحيح بُخاري" پڙهڻ سان برسات ٿيندي آهي. (تذكرة المحدثين، ص۱۹۸) مشهور مُحَدّث شيخ عبدُ العزيز مُحَدّثِ دِهلَوِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: شِدَّت جي وقت، دشمنَ جي خوف، مَرَض جيَ سختيِ، ڏڪار ۾ ٻين مصيبتن ۾ هن ڪتاب جو پڙهڻ ترياق (علاج) جو ڪم ڏيندو آهي، اڪثر هن جو تَجرِبو ٿي چڪو آهي.(بستان المحدثين،ص۲۷۴) حڪيمُ الأُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: قرآن شريف کان پوءِ صحيح ترين ڪتاب بُخاري شريف مڃيو ويو آهي، مصيبتن ۾ خَتمِ بُخاري ڪيو ويندو آهي، جنهن جي برڪت ۾ الله پاڪ جي فَضل سان مصيبتون ختم ٿي ويندیون آهن. (مرآة المناجيح،۱/۱۱ ملخصاً)

مجھے آفتوں نے گھیرا، ہے مصیبتوں کا ڈیرا یانبی مدد کو آنا مَدَنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ رابطہ بالعلماءوالمشائخ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فَيضانِ اِمام بُخاري سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ

تي خدمتِ دين جي لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪريو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ خدمتِ دين جي 104 کان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. هنن شعبن مان هڪ شعبو "مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ" بہ آهي جنهن جو بنيادي مقصد سُنّي علماء ڪرام ۽ مشائخ عظام مثال طور مسجدن جي امامن خطيبن ۽ پيرانِ طريقت وغيره کي دعوتِ اسلامي جي دِيني خدمتن کان آگاهہ ڪرڻ، مدني ڪمن ۾ انهن جي مدد حاصل ڪرڻ، انهن جون دعائون وٺڻ ۽ سُنّي جامعات ۽ مدرسن ۾ مدني ڪمن جي ترڪيب ٻڌائڻ، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري، مختلف تربيتي اجتماعن ۾ سُنّي جامعات ۽ مدرسن جي شاگردن کي شرڪت ڪرائڻ انهن جي لاءِ مناسب خيرخواهي جو اِنتظام ڪرڻ آهي.الله تعاليٰ دعوتِ اسلامي ۽ مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي ۽ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول تي اِستقامت نصيب فرمائي. اٰمين بِجَاہِ النَّبِی الاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں — اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور هڪ عام انسان جيستائين دُنيا ۾ زنده رهندو آهي ان وَقت تائين اهو ٻين کي فائدو پهچائڻ تي قُدرت رکندو آهي پر مرندي ئي اهو سِلسِلو خَتم ٿي ويندو آهي پر اَوليِاءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡهِم اَجۡمَعِین جو شان ۽ عظمت ايتري قَدَر بلند ۽ اوچو هوندو آهي جو جيستائين اهي نيڪ ٻانها هن فاني دُنيا ۾ پنهنجي ظاهري حَيات سان زنده رهندا آهن تہ نيڪ ۽ بَد سڀني کي فَيضياب ڪندا آهن ۽ هر پاسي پنهنجون بَرَڪتون عام ڪندا آهن پر جڏهن اهي حضرات پنهنجي مَزارِ اَقدَس ۾ تشريف وٺي ويندا آهن تہ اتي بہ

اُنهن جي ذات ۽ انهن جي مَزارِ پرانوار مان بَرَڪتن جو ظُهور ٿيندو رهندو آهي ۽ ماڻهو فيضياب ٿيندا رهندا آهن. اچو! وصال ڪان پوءِ امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هڪ ڪرامت ۽ سندن مزار مبارڪ جي هڪ بَرَڪت مُلاحَظَ ڪريو،جيئن تہ

## سيدُنا اِمام بخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وسيلي سان دُعا

علامہ تاجُ الدّين سُبڪي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وِصالِ ظاهري جيَ (200 سال) ڪان پوءِ سَمَرقَند ۾ خشڪ سالي جي ڪري ڏڪار ٿيو، ماڻهن ڪيئي ڀيرا نماز اِستِسقاء پڙهي ۽ دعائون گهريون پر برسات نہ ٿي، پوءِ هڪ نيڪ شخص جيڪو زُهد وتَقويٰ ۽ پرهيزگاري جي ڪري مشهور هو، شهر جي قاضي وٽ ويو ۽ ان کي مشورو ڏنائين تہ توهان شهر جي ماڻهن کي وٺي امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قَبر تي وڃو ۽ اتي وڃي اللّٰه پاڪ کان برسات جي دعا گهرو، شايد اللّٰه پاڪ توهان جي دعا قَبول ڪري. قاضي اهو مشورو قَبول ڪيو ۽ ماڻهن کي گڏ ڪري امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قَبر تي آيو، امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وسيلي سان دعائون گهريون ۽ گريہ وزاري ڪئي، امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان قَبوليتِ دعا جي لاءِ سفارش ڪئي، نهايت ئي خُشوع وخُضوع سان ان دعا گهري، انهيءَ وَقت آسمان تي بادل ڇائنجي ويا ۽ ست ڏينهن (Seven Day) تائين مُسَلسَل برسات ٿيندي رهي ۽ ايتري برسات ٿي جو ماڻهن جي لاءِ مقام "خَرتَنڪ" کان "سَمَرقَند" تائين پهچڻ بہ مشڪل ٿي ويو. (طبقات الشافعية الكبري،الطبقة الثانية،۲/۲۳۴)(خَرتَنڪ کان سَمَرقند تائين فقط 3 مِيل جو فاصلو آهي.)

اللّٰہُ غنی! شانِ وَلی! راج دِلوں پر دُنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهم اجمعين ۽ اهلِ حق

عالم سڳورن جو اهو معمول رهيو هو تہ هو پنهنجي مشڪلات جي حل جي لاءِ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اجمعين جي مزارن تي حاضري ڏيندا هئا. اچو! بَرَڪت جي لاءِ بزرگن جي مزارن تي وڃڻ جو برڪتون ملاحظ ڪريو، جيئن تہ

1. حضرت سَيدُنا حسن بن ابراهيم خَلّال حنبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن ڪو معاملو درپيش ٿيندو آهي، مان حضرت سَيدُنا امام موسيٰ بن جعفر رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مزارِ پرانوار تي حاضر ٿي سندن وسيلو پيش ڪندو آهيان. اللّٰه ڪريم منهنجي مشڪل کي آسان ڪري مون کي منهنجي مراد عطا ڪندو آهي.(1)

2. شافِعين جا عظيم پيشوا حضرت سيدُنا امام محمد بن اِدريس شافِعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن ڪا حاجت پيش ايندي آهي تہ مان ٻہ رَڪعت نَماز ادا ڪري حضرت سيدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہرَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مزارِ تي وڃي اللّٰه ڪريم کان دعا گهرندو آهيان، اللّٰه پاڪ منهنجي حاجت جلد پوري ڪندو آهي.(2)

3. حضرت سيدُنا يحييٰ بن سليمانرَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهفرمائن ٿا: مون کي هڪ حاجت درپيش هئي ۽ مان ڪافي تنگدست بہ هئس. مون حضرت سيدُنا معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي قبرِ اَنور تي حاضري ڏني، 3 ڀيرا سُوره اِخلاص جي تلاوت ڪئي ۽ ان جو ثواب پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ۽ سيني مُسلمانن جي روحن کي بخشيو پوءِ پنهنجي حاجت بيان ڪئي. فرمائن ٿا تہ مان هن حال ۾ واپس

---

[1]... تاريخ بغداد، مقدمۃ المصنف،باب ماذكر فی مقابر بغداد ...الخ،١/ ١٣٣

[2]... الخيرات الحِسان، الفصل الخامس والثلاثون ،ص ٩٤ملتقطاً

موٽيس جو منهنجي حاجت پوري ٿي چڪي هئي.(1)

حضرت سيدُنا عبدالرحمٰن بن محمد زُهري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا :حضرت سيدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مزار جي حاضري مُرادون پوريون ٿيڻ جي لاءِ مُجَرَّب (يعني تجربي ڪيل) آهي ۽ جيڪو سندن مزار وٽ 100 ڀيرا سوره اِخلاص جي تلاوت ڪري، پوءِ الله پاڪ کان سوال ڪري ته الله پاڪ ان جي حاجت کي پورو ڪندو.(2)

کرم ہو واسِطہ کُل اَوْلِیا کا
مِرا اِیماں پہ مَوْلیٰ خاتِمَہ ہو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو ته *امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بي مثال ذهانت جا مالڪ هئا. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ننڍي عمر ئي ۾ عِلمِ حديث ۾ مهارت حاصِل ٿي وئي هئي. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي لکين حديث سڳوريون حِفظ هيون. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عِلم حاصل ڪرڻ لاءِ پري واري ملڪن ۽ شهرن جا سفر ڪيائون. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حديث سڳورين جو نهايت گهڻو ادب ڪندا هئا. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عاجِزي ۽ اِنڪساري جا پيڪر هئا. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صحيح بخاري شريف جو خَتم ڪرڻ سان مصيبتون، پريشانيون ۽ آفتون پري ٿي وينديون آهن. * امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وِصالِ ظاهري کان پوءِ سندن وسيلي سان بارش طلب ڪئي ويندي هئي. الله پاڪ اسان کي امام بُخاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي فيضان

[1]… الروض الفائق،المجلس الرابع والثلاثون الخ، ص١٨٨

[2]… مناقب معروف الكرخى ،الباب السابع والعشرون فى ذكر فضيلة زيارة قبره …الخ ،ص٢٠٠

سان مالا مال فرمائي ۽ اسان کي سندن سيرت تي هلندي خوب خوب عِلمِ دين سکڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ جي تَوفِيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حديثِ پاڪ جي باري ۾ مَدَني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي حديثِ پاڪ جي باري ۾ ڪجھ مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُلاحَظَ ڪريو: (1) فرمايائون: جيڪو شخص ديني معامَلات جي باري ۾ چاليھ (40) حديثون ياد ڪري منهنجي اُمّت تائين پهچائيندو الله پاڪ (قِيامت جي ڏينهن) ان کي ان شان سان اٿاريندو جو اهو فقيھ هوندو ۽ مان قِيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس ۽ ان جي لاءِ شاهدي ڏيندس. (مشكاة المصابيح، كتاب العلم، الفصل الثالث،٦٨/١، حديث:٢٥٨) (2) فرمايائون: الله پاڪ ان کي تَروتازه رکي جيڪو منهنجي حديث کي ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي. (ترمذي، ٢٩٨/٤، حديث:٢٦٦٥) ★اسلام ۾ ڪلامُ الله (يعني قرآن) کان بعد ڪلامِ رسولِ الله (يعني حديث) جو درجو آهي.(مرآة المناجيح،٢/١) ★ هر انسان تي حُضور عَليه السَّلام جي اِطاعت فَرض آهي ۽ اها اِطاعت بغير حديث ۽ سُنّت ڄاڻڻ جي ناممڪن آهي.(مرآة المناجيح ،٩/١) ★ حديثن جي اِنڪار کان پوءِ قرآن تي اِيمان جي دعويٰ بلڪل باطِل آهي. (نزهة القاري ،٦/١ ٣) ★ جيستائين اهو معلوم نہ ٿئي تہ اها واقعي حديث مبارَڪ آهي، ان وَقت تائين بَيان نہ ڪريون. (فيضان فاروق اعظم ،٤٥١/٢) ★ آقا عَليه السَّلام جو فرمان آهي: جيستائين توهان کي يقيني عِلم نہ هجي منهنجي طرفان حديث بيان ڪرڻ کان بچو، جنهن ڄاڻي واڻي مون ڏانهن ڪوڙ منسوب ڪيو ان کي گهرجي تہ هو پنهنجو نڪاڻو جهنم ۾ ناهي.

(ترمذي، كتاب تفسير القرآن عن رسول الله،باب ماجاء في الذي۔۔۔الخ،۴۳۹/۴،حديث:۲۹۶۰) ★ايس ايم ايس (SMS) جي ذريعي بغير حوالي جي ڪا بہ حديث ان وقت تائين اڳتي نہ موڪليو جيستائين ڪنهن سُنّي صحيحُ العقيده مفتي صاحب يا ڪنهن عالِمِ دين کان تصديق نہ ڪرائي ونو. (فيضان فاروق اعظم،۲/۴۴۰)

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ (6) درود شريف

### ﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

ويندا.[1]

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4)ڇهه لک دُرُودشريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَة اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي. (القول البديع،الباب الاول،ص125)

---

1 …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2 …القول البديع،الباب الثانی، ص277،

3 …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

## (6) دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

2 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعيہ،باب فی كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

3 ... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴۱۵